
وڃائجي
ويل رنگن
جو احساس
(نثري نظم)
علي محمد "درد" سولنگي
سنسار
پبليڪيشنس
kaptan abro

# وڃائجي ويل رنگن جو احساس

(نثري نظم)

علي محمد ”درد“ سولنگي

سنسار

2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن

2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# Book No:05

(حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ)

Book: Wijaije wayal rangan jo ahsas (Nasari Nazam)
Writtten by:
Ali Muhammad “Dard”Solangi
First Editon: September -2020
Copies: 500
Published by: SANSAAR Publications & Printers arachi
Rs. 300 PKR / 5 Dollars (US)

ڪتاب : وڃائجي ويل رنگن جو احساس
موضوع: (نثري نظم)
ليکڪ : علي محمد“درد” سولنگي
ڇاپو: پهريون- سيپٽمبر 2020
تعداد: 500

مُلهه

ڏيهه: 300 رپيا / پرڏيهه: 5 ڊالرز(آمريڪي)
ISBN: 978-969-7998-04-3

ڇپيندڙ

سنسار پبليڪيشنس اينڊ پرنٽرس ڪراچي

آفيس: روم نمبر: 307، ٿرڊ فلور، صابر منزل،

نزد گل پلازا مارسٽن روڊ، صدر، ڪراچي

Contact:03002507766
Email: sansar.sindh@gmail.com

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ

سنسار بڪ بئنڪ ڪراچي، ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي، ٿامس اينڊ ٿامس بڪ اسٽور ڪراچي، نئون نياپو ڪتاب گهر ڪراچي، ڪنول ڪتاب گهر حيدرآباد، رومي ڪتاب گهر حيدرآباد، دانيال ڪتاب گهر حيدرآباد، سوچ ڪتاب گهر دادو، انڊس بڪ شاپ دادو ۽ اداري ڪان آن لائن پڻ گهرائي سگهجي ٿو.

# ارپنا

**پنهنجن پٽن صابر علي ۽ محمد سمير جي نالي**

مون کان پوءِ
منهنجن جي پارت اَٿوَ
پنهنجن جي پارت اَٿوَ
سارن رشتن جي پارت اَٿوَ
سيني رشتن کي سنڀالجو
جيڪي مِٽي ٿي مِٽيءَ ۾ ملي ويا
انهن کي بہ نہ وسارجو
ڪيڏي بہ تڪليف اچيوَ
ڪهڙو بہ وقت هجيوَ
صبر جو دامن نہ ڇڏجو
همت ڪجو
حوصلو نہ هارجو
ڪنهن جي دل نہ رنجائجو
پل توهان کي ڏکوئين
توهان نہ ڪنهن کي ڏکوئجو
هي حياتي سڄي
مرڪي گهارجو
پنهنجي وت ۾ وس آهر
سين سان نڀائجو
پيارُ ئي ورهائجو
پيارُ ئي ورهائجو

علي محمد ”درد“ سولنگي

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارِي ليکڪ ۽ شاعر **علي محمد "درد" سولنگيءَ** جي نثري نظمن جو مجموعو "**وچائجي ويل رنگن جو احساس**" اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيو.

نثري نظم ۾ لفاظيءَ بدران خيال جي اڏام کي بنيادي اهميت حاصل هوندي آهي، خيالن جي اڏام ئي پڙهندڙن جي ذهن تي اثر انداز ٿئي ٿي، جنهن ۾ علي محمد درد سولنگي سڦل نظر اچي ٿو. سندس نثري نظمن ۾ تجريد (Abstracts) جو عڪس پڻ نمايان پَسي سگهجي ٿو، جيڪا سندس فن ۽ فڪر جي اڏام جو واضح اهڃاڻ آهي. علي محمد "درد" سولنگيءَ جا گهڻا نثري نظم داخلي ڪيفيتن جا نثري نظم آهن، هُن پنهنجي نثري نظم جي ڪينواس تي پنهنجن احساسن جون محروميون، وڇوڙا، انتظار جي ڪيفيت لڙڪن ۽ ٽهڪن جا گڏيل رنگ ڏنا آهن ا

هي ڪتاب **سنسار پبليڪيشن، ڪراچيءَ** پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون يوسف سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


- پبلشرنوٽ ............................ .ادارو/9
- وچائجي ويل رنگن کي ڳوليندڙ شاعر (مهاڳ). پارس حميد/10
- خوبصورت احساسن جو شاعر .................... زاهده ابڙو/17
- مان سپاٽي هُجان، هجان نہ هُجان - علي محمد ”درد“ سولنگي/22


## نثري نظم


| | |
|---|---|
| او جيجل ........................ /32 | رشتن جا راڪاس ............ / 33 |
| مان مري ويو آهيان ............/34 | يادون............................/ 35 |
| وڪريل وار ........................./36 | ديو داس ........................ / 37 |
| ويچارو انسان......................./ 38 | الائي ڇو؟ ......................./ 39 |
| لاپُ............................................/ 40 | چاهتن جا سلسلا................/ 41 |
| سالگره ......................................./ 42 | خاموشي ........................./ 43 |
| اکرن سان عِشقُ ................./ 44 | توکي منهنجي زندگي گهرجي /45 |
| وينتي ......................................./ 46 | دعا .............................../ 47 |
| سڄاتو ئي ڪونہ ................./ 48 | وجود جي ڪچي عمارت ....../ 49 |
| اوسيئڙو ........................................./ 50 | غم جي گاج ......................./ 51 |
| مسيحا ........................................../ 52 | منهنجو مَنُ مَڪلي ............../ 53 |
| اندر جي اڪيلائي................/ 54 | حسن ۾ ورهايَلُ .............. / 55 |
| مُرڪن جا پوپٽ .................. / 56 | درد جو ائٽم بَم.............../ 57 |

| | |
|---|---|
| اَلمَيِنِ جي اُڏِهِي ................/ 58 | اجڙيل درگاهه ................/ 59 |
| مقدر ........................./ 60 | تعزيت ............................/ 61 |
| خون بها ......................./ 62 | ساهه مُٺ ۾ ......................./ 63 |
| اَڻ مُندائتا مِينهن ............/ 64 | بيوفا .........................../ 65 |
| نيڻن جا نيسارا................/ 66 | ائين ڇو ٿيندو آهي؟ .........../ 67 |
| چاهہ ۾مليل ڇَهڪَ............./ 68 | سَهپَ ............................/ 69 |
| "ر" ......................../ 70 | حوس جا هيرا ................/ 71 |
| خوابن جو شيش محل ........../ 72 | ويچاري دل ......................./ 73 |
| ياد جا گلاب ................/ 74 | ڏنگيل ماڻهو ................/ 75 |
| وچائجي ويل رنگن جو احساس/ 76 | نڌڻڪو انسان ............/ 77 |
| مرڻ کان اڳ ............./ 78 | ڏک ٿو ٿئي ................/ 79 |
| دل کان دور ناهين ............ / 80 | آس نہ پَلي آهي .........../ 81 |
| رهاڻين لاءِ آتو روح ............/ 82 | ڳوڙها ڳالهائيندا آهن ......../ 83 |
| انمول سرمايو ................/ 84 | ٿر پاپيهو ......................./ 85 |
| سپنن ۾ ڏٺل سک جي سيج .... / 86 | سُک جو سوجهرو ............/ 87 |
| ڇا چئجي؟ ........../ 88 | مُرڪُن جا مرهم ............/ 89 |
| رَدِ ڪيل نوٽ ................/ 90 | نئون سال، نوان زَخمَ ........./ 91 |
| پُر فريب پيڪنگ ۾ .........../ 92 | جنم ٿيپ جو هڪ سال......../ 93 |
| باهہ، باهہ جون رڙيون .........../ 94 | هميشہ ائين ڇو ٿيندو آهي؟.../ 95 |
| نشان ............/ 96 | سک جو سڳو ساهہ ڪٽڻ ....../ 97 |
| اڌورو چنڊ ......../ 98 | بهترين دوست ......../ 99 |

| | |
|---|---|
| ايبارشن ......................../ 100 | نُڪرائجڻ جو اَحساسُ......./ 101 |
| ايئن ٿي نہ ٿو سگھي ............/ 103 | پنھنجا، پنھنجا آھن ......... / 105 |
| جانم جي نانءُ ................./ 107 | منافق ......................... / 108 |
| لُڙڪن ڏي بہ تہ ڏِسُ ........... / 109 | تون ئي ڪو ڏَسُ ڏي ........ / 110 |
| تنھنجي پيرن ۾ ................/ 111 | ساپيائون ....................../ 112 |
| چَندُ چھرو ....................... / 113 | لُڙڪَ ئي لُڙڪَ ................. / 114 |
| عُمر جي ڪتابَ مان .......... / 115 | **** |

# پبلشر نوٽ

علي محمد "درد" سولنگي سنڌي ادب جو خاموش خدمتگار آهي، هو وڏي عرصي کان لاڳيتو قلمي پورهيو ڪندو پيو اچي، سنڌي ٻولي ۽ خاص طور تي ٻارن جي ادب لاءِ سندس خدمتون ساراهه جوڳيون آهن، هن وقت تائين نثر توڙي نظم جي صنفن تي آڏاريل اَٺ (8) ڪتاب سنڌي ادب کي ارپي چڪو آهي، هي نثري نظمن تي آڏاريل سندس نائون (9) ڪتاب آهي.

علي محمد "درد" سولنگي بنيادي طور تي شاعر آهي، پر سندس نثر پڻ سگهارو آهي، هن جي لکڻين ۾ ٻولي ۽ اسلوب بهترين ۽ مناسب پريا آهن، سندس خيالن جي اڏام شاهوڪار آهي. سندس نثر ۾ به شاعراڻي چاشني ۽ سڳنڌ جو واس آهي.

نثري نظم ۾ لفاظي بدران خيال جي اڏام کي بنيادي اهميت هجي ٿي، خيالن جي اڏام ئي پڙهندڙن جي ذهن تي اثر انداز ٿئي ٿي، جنهن ۾ هو سقل نظر اچي ٿو. هن جي نثري نظمن ۾ تجريد (Abstracts)جو عڪس پڻ نمايان ٻَسي سگهجي ٿو جيڪا سندس فن ۽ فڪر جي اڏام جو واضح اهڃاڻ آهي.

علي محمد "درد" سولنگي جو هي نثري نظمن جو مجموعو "وڃائجي ويل رنگن جو احساس" سنڌي ادب ۾ سٺو واڌارو ثابت ٿيندو.

**اسلم ڪٽياڻ**

**سي اي او، سنسار پبليڪيشنس**

## مهاڳ

# وڇائجي ويل رنگن کي ڳوليندڙ شاعر

عرب دنيا جي مشهور انقلابي شاعر محمود درويش جي لفظن ۾ ته "مون وٽ شاعريءَ جي ٻه موسم ٿيندي آهي,ائين نه ٿيندو آهي جو آئون سڄو سال ڪجهه ٻه نه لکي سگهندو آهيان. ڪڏهن ته نظمن جو مينهن وسندو آهي. منهنجي ڌرتي آهي ۽ آئون ڌرتيءَ جو شاعر آهيان."

واقعي ڪنهن شاعر تي ٻه شاعري ڪرڻ جي موسم ٿيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته هو مهينن جا مهينا نه لکي سگهندو آهي ۽ ڪڏهن ته ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه نظم لکندو آهي ۽ واقعي ٻه سندس مٿان نظمن جو مينهن وسندو آهي. اسان جي دوست علي محمد "درد" سولنگي جي مٿان ٻه نثري نظمن جي موسم لٿي آهي. نثري نظم لکي رهيو آهي. ائين ته سندس تازو آيل ڪتاب "ڪاش" ۾ٿورن نثري نظمن کان سواءِ سموري پابند شاعري آهي، پر سندس هن ڪتاب "وڇائجي ويل رنگن جو احساس" ۾ صرف نثري نظم آهن. نثري نظمن جي صنف نوجوان شاعرن جي پسنديده صنف ٿيندي پئي وڃي. هي صنف سنڌي شاعريءَ ۾ 1970ع جي ڏهاڪي ۾ لکي وئي ۽ آهستي آهستي هن نثري نظم جي صنف پنهنجن رَنگَن ۽ رُوپَن سان سنڌي شاعري کي نکاري ڇڏيو. ان صنف ۾ لکڻ جي ڪا ٻه پابندي نه آهي. سوئي ڌاڳي کان وٺي ايٽم بم جي مامرن تائين لکي سگهون ٿا. موضوعن جي وسعت ڪري هي شاعريءَ جي صنف ڏينهون ڏينهن مقبول ٿيندي پئي وڃي اها بلڪل حقيقت آهي ته شاعري ٻه آرٽ آهي، ان آرٽ جي ڪري شاعري وڏيڪ حسين محسوس ٿئي ٿي ۽ پڙهندڙ شاعريءَ جي حُسن کي محسوس ڪندي انهن لفظن ۾ پنهنجو پاڻ کي ڳولي ٿو. نثري نظم وزن ۽ بحر جي قيد تان آزاد آهي. نثري نظم فرانس ۾ لکيو ويو. بودليئر کي نثري نظم

جو پهريون شاعر مڃيو وڃي ٿو. نثري نظم جي ابتدا فرانس ۾ ارڙهين صدي ۾ ٿي. بودليئر عورت جي جسم، جنس ۽ عريانيت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ موضوع بڻايو ۽ هن جي ڪيترن نظمن ۾ اهي شيون ڏسي سگهجن ٿيون. سندس پهريون شعري مجموعو Flowers of Evil 1857ع ۾ شايع ٿيو. بودليئر کان پوءِ رانبو، جنهن جي شاعري ۾ ڪيترائي عڪس هئا. ملارمي جنهن جو تعلق بہ فرانس سان هيو جنهن پنهنجي شاعري علامتي انداز ۾ لِکي اُن کان پوءِ ڪيترائي يورپ جا وڏا نندا شاعر جن ۾ اندرا پائونڊ، سينٽ جان پرس، پبلو نرودا ۽ ٻين ڪيترن ئي نثري نظم لکيا ۽ دنيا کي هن صنف ڏانهن راغب ڪيو. اڄان بہ اڳتي وڃجي تہ رابندر ناٿ ٽيگور جو ڪتاب گيتانجلي بہ نثري نظم ۾ آهي. هتي پاڪستان ۾ احمد هميش کي نثري نظم جو باني شاعر چيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ مبارڪ احمد بہ اهڙي دعوي ڪري ٿو. سنڌي ۾نثري نظم باقاعده 1970ع جي ڏهاڪي ۾لکيو ويو. هتي سنڌ ۾ ڊاڪٽرنعيم در شياڻي جو نثري نظم جو ڪتاب بہ ستر جي ڏهاڪي ۾ آيو. ان دور ۾ نثري نظم جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ هندوستان جا سنڌي شاعرَ تہ هتان جي شاعرن کان پهريان شروعات ڪري چڪا هئا. ان کي هندوستان جي سنڌي شاعرن پاران نئين ڪويتا جي نالي سان سڏيو ويو. اهڙي ريت هتي بہ ڪجهہ سال پهريان بحث ٿي چڪو آهي پر مان هن کي نثري نظم ئي چوان ٿو. ڪيترائي شاعر نئين ڪويتا جي نالي سان لکن ٿا.

نثري نظم ائين نہ آهي تہ سِٽُن کي گهٽ وَڌ ڪجي تہ نثري نظم ٿي وڃي، ان لاءِ بہ ڪجهہ گهرجون آهن. نثري نظم لاءِ هڪ خاص ڪيفيت سان گڏُ خيال جو هجڻ بہ ضروري آهي، جيستائين خيال نہ هوندو رڳو لفاظي هوندي تہ اهو نثري نظم اثرائتو نہ ٿيندو جو پڙهندڙ کي پنهنجي ڪيفيت سان متاثر ڪري سگهي. اسان جي دوست علي محمد "درد سولنگيءَ" جي نظمن ۾ اها ڪيفيت ۽ انداز موجود آهي جو هر پڙهندڙ

ڪي پنھنجي نظمن جو Thought پهچائي ٿو. اچو تہ سندس نظمن ڪي ان ڪسوٽي تي پرکيون.

تون پنھنجي مٿان
نڇاور ٿيل
گُلن ڪي لتاڙيندي
اڳتي وڌندي ٿي وڃين
۽ آئون
تنھنجي پيرن هيٺان چيپاٽيلَ
گُلن، پتِينُ
۽ پوءِ
پنھنجي دل ڏانھن ڏِسان ٿو
۽ سوچيان ٿو
ڇا..!
نڇاور ٿيڻ وارن جو
اھو ئي مقدرُ آھي.

(نظم: مقدر)

هن نظم ۾ درد پنھنجو پيغام پڙھندڙ تائين چڱي ريت پهچائي سگھيو آهي. جنھن ۾ هن بڌايو آهي تہ جيڪي ماڻھو ٻين جي مٿان نڇاور ٿيندا آهن، پنھنجو پاڻ گھوري ڇڏيندا آهن. انھن جو مقدر بہ ڪنھن تي نڇاور ٿيل گلن جي پتين جيان هوندو آهي، جيڪي رستي تي چيپاٽجي ماڻھن جي پيرن جي لتاڙھيٺان اچي ويندا آهن.

هن نظم جو مرڪزي خيال پڙھندڙ تائين چڱي ريت پهچائڻ ۾ شاعري ڪامياب ويو آهي. نثري نظم ۾ خيال کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. اھو شاعر تي بہ منحصر آهي تہ هو ڪھڙي طرح پڙھندڙ کي خيال جي گھرائيءَ سان متاثر ڪري ٿو. جيڪڏھن شاعر جو خيالُ پُختو نہ

هوندو تہ هڪ پڙهندڙ تائين پنهنجو پيغام پهچائي نہ سگهندو. علي محمد درد جو هڪ اهڙو ئي خيال سان ڀرپور/ نظم هيٺ ڏجي ٿو.

**فرش تي وِکريل**
**گلن جي**
**پتين کي ڏسي**
**آئُون**
**اُن ٽاريءَ کي**
**ڳولڻ جي ڪريان ٿو**
**جنهن تي هي**
**گُل ٽِڙيا هئا**
**جيئن**
**تعزيت ڪري سگهان.**

**(نظم : تعزيت)**

نثري نظم جو اهم جُز آهنگ هوندو آهي، جيڪو نظم کي لکڻ وقت لفظن کي ترتيب ۾ آڻيندو آهي. اها لفظن جي جَڙاوَتَ ئي نثري نظم کي مڪمل ڪندي آهي، مٿين نظم جو آهنگ ڪجهہ اهڙو آهي جو نظم جا اهي لفظ هڪ ٻئي ۾ جڙيي بيٺا آهن ۽ پنهنجي ترتيب ۾ وڏيڪ موزون لڳن ٿا. هن نظم ۾ ڪٿي بہ ڪو سجايل لفظ نہ ٿو لڳي. اهڙي نموني سان علي محمد "درد" سولنگي جا ڪيترائي نثري نظم اهڙي ترتيب سان لکيا ويا آهن جو هو نثري نظم جون گهرجون پوريون ڪن ٿا. ڪيترن سالن تائين نثري نظم پنهنجي مخالفت جي زَد ۾ رهيو. ڪيترن ئي وڏن شاعرن نثري نظم جي مخالفت ۾ لکيو پر پوءِ بہ اهي نثري نظم جي مقبوليت ۾ گهٽتائي آڻي نہ سگهيا. هاڻي شاعرن جي اڪثريت نثري نظم لکي رهي آهي. اهو ئي هن صنف جي قبوليت جو جواز آهي. نثري نظم ۾ بہ شاعريءَ جي ٻين صنفن جيان علامتن ۽ استعارن کي ڪتب تہ آڻي سگهجي ٿو پَر، ايتري مقدار ۾ بہ نہ ان جو

خيال ئي انهن استعارن ۾ علامتن ۾ گُم ٿي وڃي وري ٻه هتي اهو ئي چوڻو پوندو ته خيال ئي نثري نظم جو اهم جُز آهي.

آهنگ، ڪيفيت انداز ۾ ڪلائمڪس اچي وڃن ٿا. هيٺ سندس هڪ مختصر نظم جنهن جو ڪلائمڪس تي ماڻهو ڪجهه دير لاءِ سوچي سگهي ٿو:

**مون لئه**
**سُڪَ ٻه**
**پوپٽن جيان رهيا آهن**
**جيڪي گهڙي پل لاءِ**
**هتن ۾اچي**
**پنهنجا رنگ ڇڏي**
**الائي ڪيڏانهن**
**اڏامي ويندا آهن**
**۽ اهي رنگ ٻه**
**ڪجھ لمحن ڪان پوءِ**
**يادون بڻجي ويندا آهن**
**پوءِ**
**اُڏامي ويل پوپٽن**
**۽ وڃائجي ويل رنگن جو احساس**
**ڏاڍو ڏنگيندو آهي.**

**(نظم: وڃائجي ويل رنگن جو احساس)**

علي محمد "درد" سولنگي جا گهڻا نثري نظم داخلي ڪيفيتن جا نثري نظم آهن، هُن پنهنجي نثري نظم جي ڪينواس تي پنهنجن احساسن جون محروميون، وڇوڙا، انتظار جي ڪيفيت لڙڪن ۾ ٿهڪن جا گڏيل رنگ ڏنا آهن اهو چئي سگهجي ٿو ته، هي داخلي ڪيفيت جو شاعر آهي پر خارجي ڪيفيت جو رجحان ٻه ضروري آهي ڇو ته دنيا

ڏکن سان ٽمٽار آهي ۽ انهن ڏکن ڏانهن ڏسڻ بہ شاعر جو ڪم آهي. پنهنجي ڏکن کي ڏسڻ کان سواءِ ٻين جي ڏکن کي ليئو پائي ڏسجي. اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ نثري نظم تجرباتي دور مان گذري رهيو آهي ۽ اهو هڪ نئين فنامنا (Phenomena) مان گذري رهيو آهي. هن تجرباتي دور ۾ ڊگهن نظمن کان سواءِ مختصر نثري نظم بہ لکجن پيا. هڪ اهڙو مختصر نثري نظم پيش ڪجي ٿو:

مون جڏهن بہ
تو ۾
ڪا
اميد رکي آهي
تہ
تنهنجو رويو
گائني ڪوسٻ جيان
ٿي وڃي ٿو
۽ ائين
منهنجن ساريِن اميدن جو
ابارشن
ٿيو وڃي.

(نظم: ابارشن)

هي نظم آهي تہ مختصر پر پنهنجي اندر مڪمل آهي. شاعر جيڪا پنهنجي وارتا بيان ڪرڻ چاهي ٿو انهيءَ ۾ هو ڪامياب ٿي ويو آهي. توڙي جي هي نظم چند سٽن تي مشتمل آهي پر پنهنجي خود وضاحت (Self-Explainatory)آهي. اسان جي دوست علي محمد "درد" سولنگي کي نثري نظم لکڻ جو ڏانءُ آهي. هو نثري نظم جي فارميٽ کي چڱيءَ ريت سمجهي ٿو پر جيئن هو پنهنجو مطالعو وڌائيندو ويندو تيئن سندس نثري نظمن ۾ نکار ايندو ويندو. هونئن تہ علي محمد

"درد" سولنگي شاعريءَ جي سيني مروج صنفن تي لکيو آهي، پر هن ڪهاڻيون بہ لکيون آهن. اهو چئي سگهجي ٿو تہ هو اهڙو تخليقڪار آهي جيڪو پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي هر فارم ۾ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

**پارس حميد**
**حيدرآباد**

# خوبصورت احساسن جو شاعر

هر انسان چاهيندو آهي تہ هو پنهنجن خيالن ۽ جذبن جو ٻين اڳيان اظهار ڪري، جنهن جو خوبصورت طريقو لفظن کي جوڙي جملن ۾ بيان ڪرڻ آهي پر ان کان اڳ اڳتي هو چاهيندو آهي تہ سندس احساس جي خوبصورتي کي ٻين تائين رسائڻ لاءِ ٻيو ڪو تخليقي انداز استعمال ڪري جنهن ۾ شاعري هڪ اهڙو فن آهي جنهن ۾ وڏي کان وڏو فلسفو هڪ سٽ ۾ بيان ٿي سگهي ٿو. سنڌ ڌرتي تي قدرت جي هميشہ ڪرپا رهي آهي جنهن هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيندڙ ذهنن کي سوچ جي خوبصورتي ۽ ادبي ذوق سان مالا مال ڪيو آهي.

شاعريءَ جي دنيا ۾ هينئر ڪيترائي نالا آهن جن پنهنجي فڪر ۽ سوچ کي شاعريءَ ذريعي عوام آڏو پيش ڪيو آهي. علي محمد "درد" سولنگي بہ انهن مان هڪ آهي، جنهن پنهنجي قلم جي سگهہ سان پنهنجي خوبصورت سوچ کي قلمبند ڪري مختلف قسمن جا خيال جنهن ۾ زندگيءَ جا عام تجربا شامل آهن. جن کي شاعر تمام اهم سمجهندو آهي ۽ انهن جي اندر زندگيءَ جو فلسفو ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪٿي هو عشق جي لڳل چوٽ کان تڙپي ٿو پوي ۽ چوي ٿو:

آئون اهو ديوداسُ آهيان
جنهن کان جڏهن
پاروتي
پري ڪئي وئي
تڏهن
چاهُ ڏيڻ لاءِ

ڪا ٻہ
چندر مُکي نہَ مِلي.
(نظم: ديو داس)

سندس تخلص "درد" مان اهو واضح آهي تہ علي محمد جي زندگي ۾ "درد" جو هڪ اهم ڪردار رهيو آهي. جنهن ڪري هن زندگيءَ جي ايترن احساسن مان "درد" کي چونڊي پنهنجي نالي سان سلهاڙي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي هو درد جي نالي سان ئي سڃاتو وڃي ٿو. سندس گهڻي شاعري بہ درد جي ڪا ڪهاڻي ٿي لڳي. منهنجو پنهنجو خيال اهو آهي تہ درد ۽ عشق اهي بہ اهڙا اهم جز آهن جن کانسواءِ شاعريءَ ۾ چس نہ ٿو اچي سگهي. شاعر تہ دردن جو سودو ڪندو آهي، جهولي پکيڙي ويهندو آهي تہ ڪو سندس جهوليءَ ۾ "درد" جي خيرات وجهي تہ جيئن هو ان درد جي مالها ٺاهي پائي. پنهنجن دردن ۾ ٻين جا عڪس ۽ اولڙا واضح ڪندو رهي،سندس هي نظم درد جي انتها کي ڇُهي ٿو:

منهنجو مَنُ
مڪليءَ جيان آهي
جنهن ۾ رڳو
ارمانن جاآثار
خوابن جا کنڊر
ٿڪن جا ٽٽل رستا
۽
يادن جون
قبرون آهن.

(نظم: منهنجو مَنُ مَڪلي)

ائين به ناهي ته هن جي احساسن ۾ خوشين ۽ خوشبوئن جي رنگا رنگي ناهي. هو محبوب جي مرڪ ڏسي خوش ٿئي ٿو ۽ ڪيس سندس لَبنِ تي مرڪ ائين ٿي لڳي جڻ ڪنهن گل تي ڪنهن پوپٽ جو ويهڻ. جيئن چوي ٿو:

تنهنجي
لبڙن جي
گلابن تان
جڏهن
مُرڪن جا پوپٽَ
اُڏرندا آهن
تڏهن
سارو ماحول
مهڪي پوندو آهي
۽ روحُ
رقص ڪرڻ
لڳندو آهي.

(نظم: مُرڪن جا پوپٽ)

هڪ نهايت ئي خوبصورت احساس سان هو تعزيت جي رسم کي نيائڻ ٿو چاهي.

فرش تي وِکريل
گلن جي
پتين کي ڏسي
آئون

اُن ٽاريءَ کي
ڳولڻ جي ڪريان ٿو
جنهن تي هي
گُل ٽِڙيا هئا
جيئن اُن سان
تعزيت ڪري سگهان. (نظم: تعزيت)

هڪ سچي شاعر جي نشاني اها آهي تہ هو پنهنجي اردگرد جي ماڻهن جي خوشين ۽ غمن کي پنهنجي اندر محسوس ڪري ۽ پوءِ ان احساس کي پنهنجو احساس بڻائي پيش ڪري. علي محمد ”درد“ جو نظم ”خون بها ۾ ڏنل“ هڪ خوبصورت احساس آهي، ان عورت جو جيڪا خون بها ۾ ڏني ٿي وڃي ۽ پوءِ هوءَ غم جي گهاٽي ۾ پيڙهجندي ٿي رهي. هو عام خيالن کي خاص بڻائي ٿوءِ انهن کي پنهنجي لفظن جو ويسُ پهرائي خوبصورتيءَ سان بيان آڏو رکي ٿو جيئن هڪ جاءِ تي چوي ٿو:

مون لئہ
سُڪَ بہ
پوپٽن جيان رهيا آهن
جيڪي گهڙي پل لاءِ
هٿن ۾اچي
پنهنجا رنگ ڇڏي
الائي ڪيڏانهن
اڏامي ويندا آهن
۽ اهي رنگ بہ
ڪجھ لمحن کان پوءِ
يادون بڻجي ويندا آهن
پوءِ

اُڏامي ويل پوپٽن
۽ وڇائجي ويل رنگن جو احساس
ڏاڍو ڏنگيندو آهي.
(نظم: وڇائجي ويل رنگن جو احساس)

هن خيال جي خوبصورتي تہ اها آهي تہ زندگيءَ ۾ گهڻو ڪري هر انسان پوپٽ ڪي جهلڻ ۽ ان جي رنگن جو هٿن تي ڇهڻ وارو تجربو ڪري ٿو ۽ شاعر هتي سڪن ڪي پوپٽن سان ڀيٽي زندگيءَ جي سچائيءَ کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان بيان ڪري ٿو. اميد ٿي ڪجي تہ هي ڪتاب ادب جي دنيا ۾ خوبصورت اضافو ثابت ٿيندو.

**زاهده ابڙو**
**حيدرآباد**

# پنهنجي پاران

# مان سپاٽي هُجان، هُجان نه هُجان

منهنجو جنم جنگ کان پوءِ امن وارن ڏينهن ۾ 21 نومبر، 27 رجب، معراج واري رات پرهه ڦٽيءَ ويل ٿيو مگر منهنجي زندگيءَ ۾ نه امن رهيو ، نه وري مون محبت جي معراج جا مزا ماڻيا، نه ئي غم جي ڪاري رات مان خوشين جي پرڀات ڦُٽي.

جنگ ختم ٿي چڪي، پر اڄ به منهنجي اندر ۾ جنگ جاري آهي، بيچينيءَ ۽ بيقراريءَ جا بم، غم جا گولا هر وقت دل جي ڌرتيءَ تي ڪرندا ۽ ان تي هر روز زلزلا ايندا رهن ٿا. اکين جي افق تي اوجاڳن جا ڪڪر ۽ اڻ مندائتي مينهن جا اوٺر اُٿندا ۽ لڙڪ لارون ڪري ڳلن تان ڳڙندا رهن ٿا. روح ڪان راحتون اڄ به رُنل آهن. من جي مَنهَن تي اڄ به مايوسين جو ڄارو ڄميل آهي. قلب واري قبر ۾ اڄ به اڪيلايون دفن آهن ۽ من مڪليءَ جيان آهي، جنهن ۾ صرف يادن جون قبرون آهن ۽ ساهه ۾ جڙڻ ته باهه لڳل آهي.

ڪجهه پنهنجن پهر وهيا آهن، ڪجهه ڌارين دل آزاري آ\
ڪنهن ڪنهن جا ويهي مان ناڻءَ ڪڻان، مُون لئه باهه سين هت ٻاري آ\
(علي محمد "درد" سولنگي)

اهي ڪرم نوازيون ۽ قرب انهن قربائتن جا آهن، جن چاهه عيوض چوٽ، خلوص عيوض کوٽ ۽ محبت جي موٽ ۾ روح کي روڳي بڻائي ڇڏيو ۽ زندگي جڙ ته زهر بڻجي وئي. ڇاتي ڇيهون ڇيهون ٽيڙ ۽ رڳ رڳ ريهون ڪرڻ لڳي، اهڙيون ويساهه گهاتيون مليون ۽ قلب تي ڪاتيون هليون جو روئندي راتيون ڪٽيون.

ڪڏهن ويهي سوچيندو آهيان ته:

اگر سيد ميرے لب پر محبت ہی محبت ہے

تو پھر یہ کس لیے نفرت کا دھارا ساتھ رہتا ہے۔ (وصی شاہ)

پر پنهنجي طبيعت، اڄ بہ اها ئي ساڳي، وفا جي واٽ تي پير پٿون ڪرڻ ۾ جان ڪان پيارن ڪان جفائون ملڻ باوجود، پاڳل دل اڄ بہ وفا واري واٽ نہ ڇڏي آهي ۽ لطيف جي انهن سٽن تي عمل پيرا آهي تہ،

جن ريءَ سري نہ ساءِ، رَتي نہ رُسڄ تن ڪان،
هو جهڻڪن، تون جهڪو ٿي، پانڌُ ڳچيءَ ڳل پاءِ
پاڻ وڃي پرچاءِ، مَتان رُنو ئي رهجي وڃين.

سارا شڪوه، شڪايتون، ساهہ ۾ سانڊي رکڻ ۽ اُف بہ نہ ڪري، ناتو نڀائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ باوجود، طبيعت جي اها تقاضا بہ رهي آهي تہ" پلي ٻُڪ پرم جي، شال مَ وڃي شان."

پیاسا ہوں مگر ساحل دریا پر کھڑا ہوں
خواہش پر مجھے ٹوٹ کے گرنا نہیں آتا

شايد اهو ان ڪري بہ آهي جو قدرت واري مون کي مڪمل مرد تہ ناهيو پر دل شايد عورت جي ڏيئي ڇڏي ۽ اها دل معصوم بہ آهي تہ شرميلي بہ، وفا شُعار بہ آهي تہ پرديدار بہ ۽ اظهار ڪرڻ ۾ الاهي ساري هٻڪ، جهجهڪ محسوس ڪري ٿي، ائين دل جون ڳالهيون دل ۾ دٻجيو / رهجيو وڃن. اهي اڻ اظهاريل ڳالهيون ڪاغذ جي سفيد سيني تي شاعريءَ جي شڪل ۾ اچيو وڃن.

هُوءَ ڇوڪري
جيڪا هاءِ اسڪول ۾
ڇهين ڪان ڏهين تائين
مون سان گڏ پڙهندي هُئي
پنهنجن کي ڇڏي
مون سان گهمندي هُئي
ڪنهن جي ٽوڪڻ تي
اُن سان وڙهندي هئي

رسيس ۾
ڪلاس مان
سيني ڇوڪرن کي ڪڍي ڇڏيندي هئي
۽ ڇوندي هئي
تون پلي وينو هُج
پوءِ ويهي سهيلين سان
راند رهندي هُئي
اڪثر مُنهنجَن وارن
مُنهنجَن ڪپڙن
منهنجي مفلر
منهنجي سويٽر جي
تعريف ڪندي رهندي هُئي
هڪ بينچ تي
مون سان ويهي رهندي هُئي
مون سان کلندي
۽ منهنجي اُداسائي تي
اُداس ٿي ويندي هُئي
سائنس هال ۾
منهنجي پرسان بيهندي هُئي
گڏ ڏاڪڻيون، لهندي چڙهندي هُئي
اڪثر مون سان
کل،مذاق، مشڪريون ڪندي هُئي
ڪجھ چوڻ چاهيندي هئي
پر، وري
چُپ ٿي ويندي هئي
آئون ٻهراڙيءَ جو
سادو، اڻوجھ
اڄ عمر جي
آخري ڏاڪي تي ويهي
سوچ جو سُٽ

**سلجهايان ٿو تہ**
**سَمجهہ ۾ اهو ٿو اچي تہ**
**شايد هوءَ بہ مون کي چاهيندي هُئي**
**هوءَ ڇوڪري**
**جنهن جا هَٿَ**
**نرم ۽ گرم هئا،**
**جنهن جا چپَ**
**گلاب جي پنکڙين جيان**
**هوندا / ٿڙندا هئا**
**هُن جون اکيون**
**اهڙيون ٻکيون**
**جو آئون کچا ڦکا شعر لکڻ لڳُس**
**هوءَ ڇوڪري**
**اڄ ڪلهہ مون کي ڏاڍو ياد اچي ٿي**
**ڪاش !**
**اهو وقت**
**وري، وري اچي**
**۽ آئون**
**پنهنجي دل ڪڍي**
**ان جي قدمن ۾ رکي سگهان.**

پر اها ئي منهنجي وڏي ڪمزوري رهي آهي تہ مون کي اظهار ڪرڻ نہ ايندو آهي ۽ منهنجي ان خاميءَ ئي مون کي هميشہ خساري ۾ وڌو آهي.

شهرتون تہ پلئہ پيون، پر محبتن جو معراج ماڻي نہ سگهيس. سِڪ جي سڱي کي سوريندي، سُيون تہ سيني ۾ چڀيي پيون. پر محبت وارو مرهم نہ ملي سگهيو. اندر جون اڪيلايون اندر ۾رهيون، ماڻهن جي ميڙ ۾ بہ من ماندو ۽ مايوس رهيو. اوسيئڙن جا ڏيئڙا ٻرندا رهيا. چپن جي ڪنارن تي حقيقي خوشي جا گلاب ٽڙي نہ سگهيا. آس نراس جي بہ واٽي تي ٿر ٻاٻيهي وانگر تڙپندي روح جي رهندڻ کي ڳوڙهن سان

ڏوئيندي، اندر ئي اندر ۾ آوي وانگر تپندي، هڪ رات ساهه کي اهڙي سڪرات لڳي، جو صفا هانءُ هاري ويٺس ۽ گورين جي پريل مُٺ يڪ ساهي، گلاس پاڻي سان اندر ۾ اوتي ڇڏيم ۽ خوشيءَ سان خودڪشي ڪري موت جي مهربان هنج ۾ سمهڻ جو سانباهو ڪيم، اُن رات مون کي ڏينهن ڏسڻ نصيب نه ٿئي ها، پر:

دعائیں کرنے والوں کا سہارا ساتھ رہتا ہے ۔ (وصی شاہ)

۽ ائين موت جي منهن مان نڪري مماتي بجاءِ حياتيءَ جي هنج ۾ هليو ويس. اڄ به ان عمل تي الاهي سارو افسوس ٿيندو اٿم پر پوءِ به...... هيءُ ڪڙو سچ آهي ته......

زندگي ۾ ڪوڙ اهڙا پل اچن ٿا دوستو!
جو پوي ٿي بار ٿي، پنهنجي ڪلهن تي زندگي،
ان گهڙي هڪ سوچ ايندي ذهن تي آهي تري،
هن جيئڻ کان آ سٺو ڇڏجي ڪري بس خودڪشي
(علي محمد "درد" سولنگي)

ان وقت "او اٿل آدمي" ۽ "جي هانءُ نه هارين جو ڪوهيارل." جهڙيون سٽون به سمجهه ۾ نه اينديون آهن. پيڙائن جون پلصراطون پار ڪندي، ڪڏهن ڪنداٺتو ويهي، ٿانيڪو ٿي سوچيندو آهيان ته لڳندو اٿم ته اگر منهنجي من جو محرم، دل جو دلبر،منهنجو همدرد، منهنجودوست، منهنجو ساٿي، منهنجو غمگسار، منهنجو اَبو قاضي مير محمد سولنگي زنده هجي ها ته حالتون مون سان هي حشر نه ڪن ها، نه ئي هي ڏينهن ڏسڻا پون ها ۽ آئون به زنده هجان ها. ليڪن:

چاہے خدا ہی جان کے پوجا بچھڑ گیا
جس شخص کو بھی ٹوٹ کی چاہا بچھڑ گیا

شايد لکڻ واري منهنجي نصيب ۾ ميلاپ بجاءِ وڇوڙا، خوشين بجاءِ غم ۽ ڪاميابين بجاءِ رڳو ناڪاميون ئي لکيون آهن.

مقدر منهنجي ۾ لکيل، شايد رڳو روئڻ آ.
ڪا آس تي نہ پوري، ڪرمَن ۾ ڪو سڪڻ آ.
(علي محمد "درد" سولنگي)

محرومين جو احساس، اڏوهيءَ جيان اندران ئي اندران کائي رهيو آهي، مصنوعي مرڪ منهن / چپن تي سجائي ماڻهن سان مُرڪي ملجي تہ ٿو پر ان مرڪ پٺيان دل ڪيترا لڙڪ / رت جا ڳوڙها ڳاڙي ٿي، اها ڪنهن کي ڪهڙي ڪل؟ انهن لڙڪن کي ڪير ٿو ڏسي، جن تي ٿهڪن جو ليبل لڳل هوندو آهي، انهن ئي ڪيفيتن کي قلمبند ڪري مون پنهنجي هن مجموعي ۾ شامل ڪيو آهي، جيڪوهن وقت اوهان جي خوبصورت هٿن ۾ آهي. هِن ۾ شامل درد کي صرف منهنجو درد نہ سمجهڻ گهرجي، هي هن معاشري جي هر فرد جو درد آهي، هِن ۾ اهي ڪهاڻيون بہ قلمبند ٿيل آهن جيڪي مون معاشري ۾ ڏٺيون/ٻُڌيون آهن. مان بہ تہ هن معاشري جو ئي فرد آهيان، مون ٻين جي درد کي بہ پنهنجو درد بنائي لکيو آهي.

ڪتاب بابت ڪجھ نہ چوندس، سواءِ ان جي تہ:

هجي جي ڪاڻ خوبين جي ۽ عيبن کان بنھ آجي
نہ پنهنجي زندگي اهڙي، نہ پنهنجي شاعري اهڙي
(نارائڻ شيام)

آئون عيبن خامين سان ڀريل انسان آهيان، پر پوءِ بہ دورنگي دنيا وانگر منهن تي هڪڙي ۽ پَر پُٺ ٻي ڪرڻ اچي ئي ڪونہ. ان سادي طبيعت جي ڪري ڪافي نقصان بہ کاڌا اٿم، پر پوءِ بہ چڱائي وارو عمل اجان جاري آهي، بقول وفا ناٿن شاهي:

عمر گذري ويئي حُسين جيان
جو مٿي ۾ لڳو يزيد لڳو.

فراز چيو:

کہاں سے حوصلہ لاتے پیمبروں جیسا
سو کیا یہ کم ہے کہ شاعر بنا دیے گئے ہیں

شاعر تہ ٿي وياسين، پر شاعري جي صنفن جي ڄاڻ اڄ ڏينهن تائين اڃي نہ سگهي آهي، قلب جي ڪيفيتن کي قلمبند ڪندي ڪافي ڪوتاهيون ٿي/ رهجي ويون هونديون، ڪنهن بہ صنف تي اڃا تائين مڪمل مهارت نہ ماڻي سگهيو آهيان. ڪوشش باوجود ڪافي ڪميون پيشيون رهجيو وڃن، جيڪي هن مجموعي ۾ بہ هونديون.

شاعری کی ہے میں نے تجارت نہیں

دل میں جو بھی خیال آگیا لکھ لیا

بقول محسن نقوي:

جو میرے درد کی آواز سمجھ سکتا ہو

اے زمانے کوئی ایسا بھی خدا دے مجھ کو

اسين ان معاشري ۾ رهون ٿا، جتي پنهنجو درد، دردُ ۽ ٻين جو دردُ اداڪاري سمجهيو ويندو آهي، پر پوءِ بہ مون کي اميد آهي تہ اوهين درد جي آواز کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندئو. هن مجموعي ۾ ٻي ڪا ڳالهہ هجي نہ هجي پر اها ڳالهہ ضرور اٿس تہ هيءُ پيڙائن ۽ پوڳنائن جو مجموعو آهي.

رسول بخش پليجو چواڻي تہ:"ڪي ڪي ڏک اهڙا هوندا آهن جو زندگيءَ جي بازار مان سموريون خوشيون ڏيئي بہ خريد ڪبا آهن."

آسڪر وائلڊ چيو تہ:" ڏک خدا سان ملاقات ڪرائين ٿا."

شيلي چيو تہ:"دنيا جا سيئي نغما غم کان سواءِ مزي وارا ناهن/ بي مزي آهن، غم جي چاشنيءَ کان سواءِ ڪو بہ نغمو يا گيت اوچو يا اعليٰ ٿي نہ ٿو سگهي."

هن مجموعي ۾ اعليٰ معيار جا نثري نظم تہ نہ آهن، پر اها حقيقت آهي تہ هن مجموعي ۾ اوهان کي ٽٽل دل جي درد جو آواز ضرور ملندو.

آئون دردن جو ماريل اهو انسان آهيان، جو پنهنجن دردن جو درمان ڳوليندو وتي ۽ پنهنجي سارن صدمن، سورن، شڪون ۽ شڪايتن کي پنن سان شيئر ڪري ٿو.

جگجيت جي آواز ۾ جڏهن :

يہ دولت بھی لے لو

یہ شہرت بھی لے لو

بھلے چھین لو مجھ سے میری جوانی

مگر مجھ کو لوٹا دو بچپن کا ساون

وہ کاغذ کی کشتی

وہ بارش کا پانی

يا وري هي غزل:

تم اتنا جو مسکرا رہے ہو

کیا غم ہے جس کو چھپا رہے ہو

آنکھوں میں نمی، ہنسی لبوں پر

کیا حال ہے، کیا دکھا رہے ہو

ڪن پوندو اٿم تہ اکيون اڻ مندائتي مينهن جيان وسي پونديون آهن. ماضيءَ جا بيشمار پل اکين جي اسڪرين تي اُڀري ايندا آهن ۽ دل دانهن ڪري چوندي آهي:

یاد ماضی عذاب ہے یارب !

چھین لے مجھ سے حافظہ میرا

۽ هاڻي شايد حافظو ڪسجي بہ ويو آهي. سڀ سور سهي پوءِ بہ اها آس ڪنيو وتان تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن مقدر ضرور مهربانُ ٿيندو پر پوءِ بہ هر روز هڪ نئون غم عطا ٿئي ٿو ۽ انهن حالتن ايترو تہ حساس بڻائي ڇڏيو آهي جو:

نہ جانے ہوگیا ہوں اس قدر حساس میں کب سے
کسی سے بات کرتا ہوں تو آنکھیں بھیگ جاتی ہیں
(وصی شاہ)

پنهنجي پنل اکين ۾ رت جي ڳوڙهن سان لکيل هي نثري نظمَ اوهان جي سهڻن هٿن تائين پهچايا اٿم. هن مجموعي بابت اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو. انهيءَ انتظار کي گهڻو طويل نہ ڪجو ڇو تہ زندگي مختصر آهي، ڪهڙي خبر مان سياڻي هُجان، هجان نہ هجان.

علي محمد ”درد“ سولنگي
0332-2795990
24 آگسٽ 2020ع

# نثري نظم

# او جيجل

**او جيجل**
**تنهنجي قدمن هيٺيان**
**جنت هجڻ باوجود**
**منهنجو جيون**
**دوزخ جهڙو**
**ڇو آهي؟**

*******

**هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ 21 کان 27 آگسٽ 2011ع**

# رشتن جا راڪاس

اي ڌرتي !
مون کي
پنهنجي آغوش ۾
وٺي ڇڏ
( هنج ۾ سمهاري ڇڏ)
نہ تہ هي رشتا
مون کي
ڪچو ڪائي ڇڏيندا.

***

هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ 21 ڪان 27 آگسٽ 2011ع

# مان مري ويو آهيان

اي ڪاش !

اڄ اگر

ابو زنده هجي ها

حالتون

مون سان

هي حشرُ نہ ڪن ها

۽ اڄ....

آئون بہ زنده هجان ها

❊❊❊

عوامي آواز سنڌي مئگزين، 21 نومبر 2010ع

# يادون

آئون اڪيلو ڪٿي آهيان؟
يادون
مون کي
تنها ڇڏن ئي ڪينَ ٿيون

***

عبرت مئگزين 16 کان 30 ڊسمبر 2013ع

# وکريل وار

هن منهنجا
وکريل وار ڏِسي چيو تہ:
“پنهنجي وارن جو بہ
خيال نہ ٿو رکين؟”
مرڪي چيم:
“ڪير بہ
منهنجو خيال نہ ٿو ڪري
آئون تہ
سچو سارو
وکري ويو آهيان”

***

عبرت مئگزين پهرين فيبروري 2013ع

# ديو داس

آئون اهو ديوداسُ آهيان
جنهن کان جڏهن
پاروتي
پري ڪئي وئي
تڏهن
چاهُ ڏيڻ لاءِ
ڪا بہ
چندر مُکي نہَ مِلي.

***

ماهوار بختاور، نومبر 2011ع

# ويچارو انسان

دل ۾
دفن ٿيل يادون
ڪڏهن ڪڏهن
ڪفن ڦاڙي
ٻاهر نڪريو اچن
۽ پوءِ......
ويچارو انسان
انهن جو
*بڪ ٻڻجيو وڃي.

***

* بڪُ: ڪاچ، خوراڪ

عبرت مئگزين 16 سيپٽمبر 2011ع

## الائي ڇو؟

اسان
جن جي راهن ۾
گُل رکياسين
الائي ڇو.....؟
انهن کان ئي
موٽ ۾
ڪنڊا پلئه پيا

***

عوامي آواز سنڌي مئگزين، 21 نومبر 2010ع

## لاپُ

مُورَ کان
لاپُ
متو هوندو آهي
ائين ئي
مون کي بہ
چاهتن جي موٽَ ۾ مليل
چاهتن جا درد
متا آهن

***

هفتيوار سندو ڊائجسٽ 21 کان 27 آگسٽ 2011ع

# چاهتن جا سلسلا

جن جي نانءَ
چاهتن جا گلاب
ڪياسين
تن وٽان ئي
“چاهتن جي موٽَ”
چاهتن جا درد
مليا سين
پوءِ بہ
چاهتن جا سلسلا
جاري رکياسين.

***

هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ 21 کان 27 آگسٽ 2011ع

# سالگرهه

سالگرهه
اهي ملهائيندا آهن
جن جا سال
خوشين سان
ختم ٿيندا آهن،
اسان سالگرهه ڪيئن ملهايون؟
اسان جي
سال-گرهه کي
سدائين
گِرهڻ لڳل رهي آهي.

***

عوامي آواز سنڌي مئگزين، 21 نومبر 2010ع

# خاموشي

اسان جي
خاموشيءَ مان
اهو نہ سمجھ تہ
اسان توکي
چاهڻ ڇڏي ڏنو آهي
نہ
بلڪل بہ نہ
بس!
اسان
دل تي پٿر رکي
ڇڏيو آهي.

***
هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ 29 آڪٽوبر 2011ع

# اکرن سان عِشقُ

اکرن سان عِشقُ
سولو نہ آهي
لفظ لفظ لکڻ لاءِ
لونءَ لونءَ کي
لڇڻو ٿو پوي
هر جملو جوکَمُ
۽
هر ست سکراتِ،
پين قَط ۾
مَسُ نہ پر
رَڳن جو رت
هُجي ٿو.

***

روزاني سکار، 15 ڊسمبر 2011ع

# توکي منهنجي زندگي گهرجي

منهنجي لکڻ تي
روڪَ نہ ڪر
طنز نہ ڪر
ٽوڪ نہ ڪر
لکڻ زندگي آهي
۽
منهنجي خوشي آهي
اگر
لکڻ ڇڏي ڏيندس
تہ پوءِ
جيئڻ ڇڏي ڏيندس.

***

روزاني سڪار، 15 ڊسمبر 2011ع

# وينتي

تون پنھنجون خوشيون
سُک
ڀلي پنھنجن سان شيئر ڪر
پر
ھڪ گذارش اٿئي
جڏھن
غم توکي
گھيرو ڪري وجن
۽ پنھنجا
تنھا ڇڏي وڃن
ان لمحي
پنھنجا ڏک
مون کي ڏيئي وڃجانءِ

❊❊❊

ماھوار ھزار داستان فيبروري 2011ع

## دعا

تون پلي
مون سان نہ ٿَئُ
پر
دعا آهي:
“تون جن کي چاهين
شل!
اُهي تو سان
ٺهيل رهن.”

***

عوامي آواز سنڌي مئگزين، 21 نومبر 2010ع

# سچاتو ئي ڪونه

مون توکي
پوڄا جي حد تائين
پيارُ ڪيو،
پر
تو منهنجي
سِڪَ کي
سُڃاتو ئي ڪو نه!

❊❊❊

ماهوار بختاور نومبر 2011ع

# وجود جي ڪچي عمارت

نيڻن جي
نديءَ ۾ جڏهن
يادن جون
ويرون
ورنديون آهن
تہ
وجود جي ڪچي عمارت
ڀَڄي، ڀُري
۽ لُڙهي ويندي آهي.

***

ماهوار بختاور نومبر 2011ع

## اوسيئڙو

اوسيئڙو
اهو Amount آهي
جيڪو
عشق جي Account
کولڻ سان ئي
پلئہ پوندو آهي.

***

ماهوار ساڃهه، اپريل 2012ع

## غم جي ڳاج

نيڻن جي
نديءَ ۾ جڏهن
غم جي ڳاج
ڳڙجندي آهي
تڏهن
هانءُ ٻُڏڻ لڳندو آهي،
۽
دل جي ڌرتيءَ تي
سورن جو سيلاب
اچي ويندو آهي.

***

عبرت مئگزين، 16 اپريل 2013ع

# مسيحا

مون تہ
توکي مسيحا سمجهيو هيو
پر
کهڙي خبر هئي
تون ئي
منهنجي روح کي
رهڙي ڇڏيندين.

***

ماهوار بختاور نومبر2011ع

# منهنجو مَنُ مَڪلي

منهنجو مَنُ

مڪليءَ جيان آهي

جنهن ۾ رڳو

ارمانن جا آثار

خوابن جا ڪنڊر

ٿڪن جا ٽٽل رستا

۽

يادن جون

قبرون آهن.

***

ماهوار سانڍيهه ڪراچي، مارچ 2012ع

## اندر جي اڪيلائي

اصحابيءَ (*) جي
آڳنڌ ۾
ماٺهن جاميڙا ڏسي
منهنجي
اندر جي اڪيلائي
مون کي
اجا وڌيڪ
اداسُ ۽ اڪيلو
ڪري ڇڏيندي آهي

***

(*) عبدالله شاهہ اصحابي (مڪلي، ٺٽو)

ماهوار سمنڊ ڪراچي، اپريل، مئي2012ع

# حصن ۾ ورهايَلُ

آئون
حصن ۾
ورهايل آهيان
هر حصي جو
وارث آهي
پر
منهنجو پنهنجو
ڪو بہ حصو ڪونهي
ڇو تہ
حصي جو
ڪو بہ حصو
نہ ٿيندو آهي.

***

ماهوار بختاور نومبر 2011ع

## مُرڪن جا پوپٽ

تنهنجي
لبڙن جي
گلابن تان
جڏهن
مُرڪن جا پوپٽَ
اُڏرندا آهن
تڏهن
سارو ماحول
مهڪي پوندو آهي
۽ روحُ
رقص ڪرڻ
لڳندو آهي.

***

روزاني عبرت 20 نومبر 2011ع

# درد جو ائٽم بَم

دل جي
هيرو شيما تي
جڏهن
درد جو ائٽم بم
ڪرندو آهي
تڏهن
دل جي ڌرتي ڌُڏي
۽ سارو وجود
فنا ٿي ويندو آهي

***

عبرت مئگزين 16 ڊسمبر 2011ع

# اَلمَينِ جيِ اُڏهِيِ

اندر جي
عمارت کي
اَلمينِ جي اُڏهي
وڻي ويئي آهي
هر خوشي
خاڪ ٿي ويئي آهي
۽
وجود جي عمارت
ڪرڻ تي آهي
اَڄُ
پنهنجي ٻانهن جي
ٽيڪ ڏي
نہ تہ آئون
پَڇي
پورا پورا ٿي
ويندو سانءِ.

***

عبرت مئگزين پهرين ڊسمبر 2011ع

## اجڙيل درگاهہ

منهنجي دل
اها
اُجڙيل درگاهہ آهي
جَنهن ۾
قرب جو
ڪو بہ ڪبوتَر
ڪَهِي اچڻ لاءِ
تيارُ نہ آهي.

***

عبرت مئگزين، 16 ڊسمبر 2011ع

## مقدر

تون پنهنجي مٿان
نڇاور ٿيل
گُلن کي لتاڙيندي
اڳتي وڌندي ٿي وڃين
۽ آئون
تنهنجي پيرن هيٺان چِيپاٿيلَ
گُلن، پتِينُ
۽ پوءِ
پنهنجي دل ڏانهن ڏِسان ٿو
۽ سوچيان ٿو
ڇا..!
نڇاور ٿيڻ وارن جو
اهو ئي مقدرُ آهي.

***

روزاني سڪار، 15 ڊسمبر 2011ع

# تعزيت

فرش تي وِکريل
گلن جي
پتين کي ڏسي
آئون
اُن ٿاريءَ کي
ڳولڻ جي ڪريان ٿو
جنهن تي هي
گُل ٽِڙيا هئا
جيئن
تعزيت ڪري سگهان.

***

روزاني سڪار 15 ڊسمبر 2011ع

# خون بها

اسان جي
دل ۾
خون بَها ۾ ڏنل
اُن ڇوڪريءَ جيان آهي
جيڪا پنهنجنِ
هَڙني حسرتُن کي
رَئي جي پَلَوَ ۾ ٻڌي
مِٽيءَ ۾ مليل محبتن تي
ماتم ڪندي
پنهنجي خوشين
۽ خوابن جي
خاڪ ميڙيندي
لُڙڪ لاڙيندي
غم جي گهاٽي ۾
پِيڙجندي رهي ٿي.

***

ماهوار بختاور، فيبروري 2012ع

## ساهه مُٺ ۾

گلن واري
گهٽيءَ ۾ رهندڙ
گُلن جهڙن
ماڻهن جا رويا
ڪنڊن جهڙا ڇو ٿيندا آهن؟
انهن جي
خلوص جي خوشبوءِ
ڪيڏانهن هلي ويندي آهي؟
هوُ
چاهه جو ويساهه ڏئي
ساهہ مُٺِ ۾
ڇو ڪندا آهن؟

***

عبرت مئگزين 16 آگسٽ 2011ع

# اَڻَ مُنڊائتا مِينهن

جن جو
اندرُ اُداسُ
روح روڳي
دل گهايل
مَنُ مرجهايل هُجي
۽ ٿڪن تي
ٽانڊا رکيل هجن
انهن جي ڇپن تي
مُرڪن جا گُلابَ
نہ ٽڙندا آهن
ها !
اُنهن جي اکين مان
اڻَ مُنڊائتا مينهن
ضرور وسندا رهندا آهن.

***

هفتيوار سنڌو 21 آگسٽ 2011ع

## بيوفا

ڪَنهن پڇيو:
“زندگي
ايڏي وڻندڙ
۽ پياري
ڇو هوندي آهي.”
مُرڪي چيم:
“بيوفا آهي نہ،
انهيءَ ڪري.”

***

عبرت مئگزين پهرين نومبر 2011ع

## نيڻن جا نيسارا

دل جي
وستيءَ تي جڏهِن
يادن جا ڪڪر
وسڻ لڳندا آهن
تڏهن
نيڻن جا نيسارا
پوري زور، شور سان
وَهڻ لڳندا آهن.

***

عبرت مئگزين پهرين نومبر 2011ع

## ائين ڇو ٿيندو آهي؟

دوستيءَ جي
دعوي ڪرڻ وارا
Best Friend
سڏڻ ۽ سڏائڻ وارا
ائين وساري ڇو ويهندا آهن؟
جڻ انهن جو
ڪو واسطو
ڪو تعلق
ڪو رابطوئي نہ رهيو هُجي
سندن اهو سلوڪ
سيلَ ڪندن جيان
سيني ۾ چڀندو رهندو آهي
ايئن ڇو ٿيندو آهي؟

❊❊❊

عبرت مئگزين 16 آگسٽ 2016ع

# چاهہ ۾ مليل ڇهڪَ

ڪنهن جي
چاهہ ۾ مليل ڇهڪَ
جڏهن
مُرڪ ڪسي
لڙڪ ڏين ٿا
تہ ڳل ڳوڙهن سان
پڇيو پَون،
دل جي ٻيٽَ تي
سڪ جا سِلا
ڦُٽڻ سان ئي
سَڙيو وڃن،
پوري ڪائناتِ
ڪرب و بلا بڻجي وڃي ٿي
۽ جذبا
ماتم ڪرڻ لڳن ٿا.

***

هفتيوار سندو 21 آگسٽ 2011ع

## سَهپَ

تون سَهپَ جي ڳالھ ته ڪرين
سَهپَ ڇا ٿيندي آهي؟
اھو مون ڪان پڇ
اگر اندر ڪولي ڏيکاريانءِ ته
حيران رهجي ويندين
سينو پروڙِ ڏسي
ششدر ٿي ويندين
درد ڳڻايانءِ ته
ڳڻي ڳڻي ٿڪجي پوندين
اِهي گهاوَ ءِ ايذاءَ
غيرن ڪان نہ پر
پنهنجن ڪان مليل آهن
ايترين بي واجبين باوجود بہ
آئون انهن ڪان
پَري نہ ٿيو آهيان.

***

هفتيوار سنڌو 21 آگسٽ 2011ع

## "ر"

مون کي
"ر"
راس نہ آئي آهي
ها، پر
"ر" سان رسوائي
ضرور پلئہ پئي آهي.

***

نوٽ: هن "ر" کي فقط اڄڪلهہ جي انسانن جي نالن ۾ موجوده وقت جي شين سان منسوب ڪيو وڃي. مهرباني
ماهوار ساڻيهہ، فيبروري 2012ع

# حوس جا هيرا

او ڇري ڇوڪري !
شيشي جهڙو وجود کڻي
ائين نہ هلُ
هتي هر ماڻهوءَ جي اک
پٿر جي اٿئي
هتي وک وک تي
چار وڇايل اٿئي
هر رستي تي
ڏامر جهڙي سوچ رکندڙ
بيٺل اٿئي
هر ڳلي، هر ڳام
محبت جي آڙ ۾
صحبت گهرڻ
مطلب ڪڍڻ وارا
ويٺل اٿئي
خيال ڪجانءِ متان
ڪنهن جي چار ۾ ڦاسي وڃين
۽ ڪا ٺوڪرَ
تنهنجي وجود کي
چِڪنا چُور ڪري ڇڏي.

***

ماهوار پرک ڪراچي،آڪٽوبر 2011ع

# خوابن جو شيش محل

منهنجي
اکين جي
ٻيٺ تي ٺهيل
خوابن جو شيش محل
تنهنجي
پٿريلي رويي سبب
پُرزا پُرزا ٿي پيو آهي
انهن شيشن
ساري وجود سان گڏ
نند کي ٻه
زخمي ڪري ڇڏيو آهي

***

ماهوار بختاور، نومبر 2011ع

# ويچاري دل

مون
پنهنجي
سَپني سَپنن
ارمانن
خواهشن کي
ڪفن پهرائي
دل ۾ دفن ڪري ڇڏيو آهي
ويچاري دل
اُنهن جي ڪُمهلي موتَ تي
سندن لاشن مٿان سڏ ڪندي
ماتم ڪندي رهي ٿي
ڏَڀُ اٿم ڪنهن ڏينهن
اهو درد ۽ اهو صدمو
نہ سهندي
ٿِٽي نہ پوي.

***

ماهوار ساڻيهہ، فيبروري 2012ع

# ياد جا گلاب

دل جي
باغيچي ۾
تنهنجي ياد جا گلاب
هر وقت
ٽڙندا رهن ٿا
جن جي خوشبوءِ
روح کي
معطر ڪري ڇڏيندي آهي
گڏوگڏ ڪجهه ڪنڊا
زخمي بہ
ڪندا رهن ٿا.

***

عبرت مئگزين، جنوري 2012ع

## ڏنگيل ماڻهو

آئون
رشتن جو ڏنگيل
ٻڌائي نہ ٿو سگهان
ڪنهن، ڪنهن جو
ڏنگيل آهيان

***

عبرت مئگزين، پهرين جنوري 2012ع

# وڃائجي ويل رنگن جو احساس

مون لئه
سُکَ بہ
پوپٽن جيان رهيا آهن
جيڪي گهڙي پل لاءِ
هٿن ۾ اچي
پنهنجا رنگ ڇڏي
الائي ڪيڏانهن
اڏامي ويندا آهن
۽ اهي رنگ بہ
ڪجھ لمحن ڪان پوءِ
يادون بڻجي ويندا آهن
پوءِ
اُڏامي ويل پوپٽن
۽ وڃائجي ويل رنگن جو احساس
ڏاڍو ڏنگيندو آهي.

***

ڪاوش دنيا مئگزين 28 آگسٽ 2011ع

# نڌڙڪو انسان

ڪڏهن ڪڏهن
سيني رشتن هوندي بہ
انسان
انهن جي الفت
شفقت
خلوص ۽ محبت کان
محروم رهندو آهي
رت جي رشتن هوندي بہ
انسان نڌڙڪو هوندو آهي
صرف انهيءَ ڪري جو
اُنهن رشتن کي
انا، لوڀ، لالچ ۽ خود غرضيءَ جو
زنگ لڳي ويندو آهي.

***

ماهوار سمونڊ- اپريل، مئي 2012ع

# مرڻ کان اڳ

تنهنجي
اکين ۾ پاتل
ڪجل جي ڌار
تلوار جيان
وارَ ڪري ٿي
آئون
نيم بسمل
زخمي دل
تنهنجي محبت جي
مرهم جي
آسَ ڪنيون وتان
ڪاش!
مرڻ کان اڳ
مِلي وڃين !

***

ماهوار سمونڊ اپريل، مئي 2012ع

# ڏک ٿو ٿئي

توهان جو
رَويو
۽ سلوڪ ڏسي
ڏُک ٿئي ٿو
سوچيان ٿو
اگر
پنهنجا
ائين هوندا آهن
اهڙا زخم ڏيندا آهن
دل جا ٻکيا
اُڌيڙي ڇڏيندا آهن
تہ پوءِ
غيرن تي
ڪهڙي ميار !

***

عبرت مئگزين 16 مارچ 2013ع

# دل ڪان دور ناهين

سال
صديون
ويريون
وِڇوٽيون
تانگهہ ڪي اجا
تيز تہ ڪري سگهن ٿيون
ليڪن،
محبت ۾
ڪمي آڻي
نہ ٿيون سگهن.

***

ماهوار هزار داستان، آڪٽوبر 2011ع

# آس نہ پَلي آهي

سورن جي
سِرنگهن ۾ سُرندي
پيڙائن جون
پُلصراطون پار ڪندي
سُڏڪن جي
سمنڊ ۾ غوطا کائيندي
لَڙي آيل لُڙڪ اگهندي
دردن جي
درياءَ ۾ لُڙهندي
تانگهہ جي
طوفانن سان لڙندي
وجود جا ورق
وکري ويا آهن
پر پوءِ بہ اکين
پرين پسڻ جي
آس نہ پلي آهي

❋❋❋

ماهوار ويچار نومبر 2011ع

## رهاڻين لاءِ آتو روح

سڪ جون سَنگھرُون
جڏهن
سيني کي
سوڙهو ڪنديون آهن
۽ يادون
وڻ ويڙهيءَ جيان
وجود کي
وڪوڙي وينديون آهن
تڏهن
رهاڻين لاءِ آتو روح
پرينءَ جو پتو
پُڇڻ لڳندو آهي.

***

ماهوار بختاور، نومبر 2011ع

# ٻوڙها ڳالهائيندا آهن

لُڙڪن جي ٻولي
ڏاڍي سولي
ان ۾
نہ ڪو رڪ رڪاءُ
نہ وري ڏيکاءُ
سيني جي سمنڊ ۾
طوفان ايندو آهي تہ
ٻوڙها ڳالهائڻ لڳندا آهن
ٻوڙهن جي ڳالهين کي سمجهڻ
هر ڪنهن جي
وس جي ڳالهہ نہ آهي
حساس ماڻهو ئي
ٻوڙهن جي ٻولي سمجهندو آهي
جذبن کان عاري انسان
ان کي بہ
اداڪاري چوندا آهن.

***

ماهوار بختاور، نومبر 2011ع

# انمول سرمايو

تولاءِ ڏئي
سارا سپنا
سَپنن جا تاج محلَ
توسان گهاريل لمحا
تنهنجا ڳالهايل جملا
تنهنجا لهجا
سَڀُ
سيني جي صندوقَ ۾
ساندي رکيا اٿم
اِهي ئي تہ
منهنجي زندگيءَ جو
انمول سرمايو آهن
مرڻ بعد بہ
مون سان گڏ
مِٽيءَ ۾ دفن ٿيندا.

***

ماهوار ويچار، نومبر 2011ع

# ٽرپاپيهو

زندگيءَ جا عڪس
۽ انهن
عڪسن جا رقص
ڏنتلا پيا ٿيندا وڃن
جيون ريگستان جو
ڏيک ڏيڻ لڳو آهي
جتي قرب جا ڪڪر
اچن ئي ڪين ٿا
ميلاپ جا مينهن
وسن ئي ڪين ٿا
اوسيئڙي جا ٿوهر
اندر کي
زخمي ڪندا رهن ٿا
آئون تاسارو
ٽرپاپيهي جيان
تڙپي رهيو آهيان
شل!
منهنجا سڌڙا سڀئي
مون مٿان
پنهنجي پيار جي
برسات جو وسڪارو ڪرين
اي ڪاش!
هي سڀُ
هِن حياتيءَ ۾
ممڪن بڻجي وڃي

❊❊❊ ماهوار ويچار، نومبر 2011ع

# سپنن ۾ ڏٺل سک جي سيج

سپنا
هميشه سندر ٿيندا آهن
پر انهن جي تعبير
ڏاڍا ڏنپ ڏيندي آهي
اُهي شيون جيڪي
سپنن ۾
خوبصورت لڳن ٿيون
سي حقيقت ۾
سامهون اچن ٿيون ته
ڏاڍيون خوفناڪ هجن ٿيون
سپنن ۾ ڏٺل سک جي سيج
سورن جي سولي
ثابت ٿيندي آهي ته
دل چوندي آهي
اهي اکيون ئي
ڪڏي ڇڏجن
جن اهڙا سپنا ڏٺا
جن جي ساپيا
ايڏي ڀيانڪ آهي

***

ماهوار سمونڊ، اپريل،مئي 2012ع

# سُک جو سوجهرو

زندگي
ميڻ بتيءَ جيان
رجندي ۽ ڳرندي پئي وڃي
پر پوءِ به
غمن جي اونداهيءَ رات ۾
سُک جو سوجهرو
ڪري نہ سگهي آهي
موراڳو
پاڻ ڳرندي
کُٽندي پئي وڃي
ڏِسجي
غمن جو گهُگهہ انڌيرو
سکن جي سوجهري ۾
تبديل ٿئي ٿو
يا حياتي هارائي
مماتيءَ ڏانهن
موٽي وڃي ٿي.

***

ماهوار سرتيون،مئي 2012ع

## ڇا چئجي؟

پنھنجا اھي
جيڪي
درد محسوس ڪَنِ
سَڏڪڻ تي
پاڻ ٻہ سُڏڪي پون
جيڪي
طنز جا طوفان آڻي
غمن جي غور ابن تي چاڙھي
سُڏڪن جي سمنڊ ۾ اڇلائين
۽ مرڪن جو موت آڻين
اھڙن پنھنجن کي ڇا چئجي..!؟

***

سوپ، سنڌي مئگزين، 14 آڪٽوبر 2012ع

# مُرڪُن جا مرهم

اوجانم !

فراقن جي ڦٽن تي

جڏهن

مُرڪُن جو مرهم رکندي آهين

تڏهن

خِزان جي مند ۾ ٻہ

موتيا مهڪي پوندا آهن

هوائن مان

ميندي ءَ جي خوشبوءِ

اچڻ لڳندي آهي

توهر تي ويل چپن تي

گلاب ٽڙي پوندا آهن

مُئلَ ۾

ساهُ پئجي ويندو آهي.

***

ماهوار ساڻيهہ، جنوري 2012ع

# رَدِ ڪيل نوٽ

اسان جي وفا بہ
حڪومت جي
رَدِ ڪيل نوٽ وانگر
وڃي رهي آهي
جيڪا پنهنجي اهميت
قدر ۽ قيمت
وڃائي ويٺي آهي
۽ ڪٿي بہ ڪارگر نہ رهي آهي
اُن ڪي
حقارت واري
ردي جي ٽوڪري ۾ تہ
اڇلايو وڃي ٿو
پر ڪو بہ اُن کي
قبولڻ لاءِ
تيار نہ آهي

❋❋❋

روزاني سوڀ، 26 جنوري 2012ع
ماهوار هزارداستان جنوري 2012ع

## نئون سال، نوان زَخمَ

پراڻا ڦَٽَ
اڃا ڇُٽندا ئي نہ آهن تہ
نئون سال، نوان زخم
کڻي ايندو آهي
ڦٽيل وجود
ويتر ڦٽجي پوندو آهي
ارمانن جون التجائون
ٻُڌيون، اڻ ٻُڌيون
ٿي ويندڀون آهن
سُڏڪن تي لڳل هڪ سئو چوئيتاليهہ
ڪرفيو ۾ تبديل ٿي
ڳوڙهن جي ٻاهر نڪرڻ تي بہ
بندش بڻجي ويندو آهي.

***

ماهوار سوجهرو جنوري 2012ع

## پُر فريب پيڪنگ

اسان
سادا ماڻهو
مهر ۽ وفا جا پيڪرَ
مُرڪي
ڪو به نہ ڪيڪاري
هر ڪو ڏڪاري
۽ هوڏانهن
فريب
مَن موهيندڙ پيڪنگ ۾
هر هَٽَ تي مقبول

❊❊❊

ماهوار سوجهرو، جنوري 2012ع

# جنم ڏيہہ جو هڪ سال

هر سال
حسرتون
رتُ ڳاڙيندڙيون رهن ٿيون
هر مهيني مايوسيون
مَڪڙيءَ جي ڄاري جيان
وڪوڙي وڃن ٿيون
پر پوءِ بہ
سال جي
هڙني هفتن جا
هڙئي ڏينهن
هڙئي پل
ان آس ۽ اميد تي
ختم ٿيندا آهن تہ
عيسوي سال جي اختتام تي
پهچڻ کان ٿورو اڳ
جڏهن
منهنجو جنم ڏينهن ايندو تہ
تون مون کي

جنم ڏينهن

ضرور وش ڪندينءَ

پر، افسوس

هر سال

توکان منهنجو جنم ڏينهن

وسريو وڃي

تنهنجي وسارڻ سان

مون ڪي پنهنجو

جنم ئي

اجايو لڳڻ لڳي تو

سال جي پڇاڙيءَ تي

زندگيءَ جي پونجيءَ مان

ڪُتندڙ سال تي

ماتم ڪرڻ بجاءِ

خوش ٿيندو آهيان تہ

زندگي

پنهنجي

پڇاڙيءَ طرف پئي وڃي.

***

ماهوار ساڻيھ، جنوري 2012ع

# باهہ باهہ جون رڙيون

تون چوين ٿي:
”رڳو درد ڇو ٿو لکين؟
خوشين،
مرڪن،
آسُن،
اُميدن بدران
مايوسيون ڇو ٿو ميڙين؟
ائين ڇو ٿو ڪرين؟“
”جانم!
جنهن جي جهوليءَ ۾
ٽانڊا وڏا ويا هجن
اهو گلن جا هوڪا تہ نہ ڏيندو
اهو تہ
باهہ باهہ جون رڙيون ڪندو نہ.“

***

عبرت مئگزين، پهرين مارچ 2013ع

# هميشه ائين ڇو ٿيندو آهي؟

جتي
چوٽ لڳل هوندي آهي
جتي
اڳ ۾ ئي
زخم هوندو آهي
هر ڀيري
اتي ئي
چوٽ ڇو لڳندي آهي؟
زخم تي ئي
زخم ڇو رسندو هي؟
هميشه
ائين ڇو ٿيندو آهي؟

***

روزاني سڪار 7 فيبروري 2013ع

# نشان

مُنهنجي
ڳلي تي / ڳچيءَ ۾
اهي جيڪي
نشان آهن
اهي ڪنهن رسيءَ
يا
ٻي ڪنهن شئي جا نہ آهن
پر جن ڪي مون
ڳل لڳائيو
انهن ئي
موقعو ڏسي
منهنجو ڳلو دٻائي ڇڏيو

***

عبرت مئگزين، 16 ڊسمبر 2013ع

## سڪ جو سڳو ساهہ ڪٽڻ تو چاهي

تُنهنجيءَ
سِڪ وارو سڳو
ڦاهيءَ جي سِرڪڻ جيان
ٿي پيو آهي
هيءُ سرڪي ٿو
منهنجو دم گهٽجي ٿو
لڳي ٿو
منهنجو ساهہ ڪڍي
پوءِ ساهہ ڪٽندو

***

ماهوار سانڍيهہ مارچ 2012ع

# اڌورو چنڊ

رات
چنڊَ جي
نراسائي ۽ اداسي
ڏسڻ وٽان هئي
سندس چهرو
غم جي اونده ۾
گم هيو
سندس لُڙڪ
تارن ۾
تبديل ٿي رهيا هئا
اڌورو چنڊ
مون جيان بيچين
وڇائجي ويل وجود
ڳولهي رهيو هيو.

***

ماهوار سمونڊ، اپريل، مئي 2012ع

# ﺑﮭﺘﺮﻳﻦ دوست

توکي تہ
خبر هوندي
سُٺي دوست
Best friend
جو مطلب
ڇا هوندو آهي؟
افسوس!
سڀ ڪجھ ڄاڻندي بہ
تون
بهترين دوست تہ ڇا
صرف دوست بہ
ٿي نہ سگهينءَ.

***

ماهوار ساڻيھ، مئي 2012ع

# ايبارشن [*]

مون جڏهن ٻه
تو ۾
ڪا
اميد رکي آهي
ته
تنهنجو رويو
گائني ڪوسڊ(*) جيان
ٿي وڃي ٿو
۽ ائين
منهنجن سارين اميدن جو
ايبارشن
ٿيو وڃي.

***

* ايبارشن = حمل ضايع ٿيڻ
* گائني ڪوسڊ = ايبارشن لاءِ استعمال ٿيندڙ گوريون

سوپ سنڌي مئگزين، 14 آڪٽوبر 2012ع

# ٽُڪرائجڻ جو اَحساسُ

ٽُڪرائجڻ جو اَحساسُ
ڪيئن ٿيندو آهي
اهو
اڄ محسوس ڪيمُ
ائين لڳو
مون مٿان ڪو
بم ڪريو هجي
۽ منهنجو
سارو وجود
ٽڪرن ۾ تبديل ٿي
وڪري ويو هجي
۽ دل جي ڏرتي
منهنجي ارمانن
۽ شهيد ٿيل سپنن جي
رَت سان
ريٽي ٿي ويئي هجي.

***

سوڀ، سنڌي مئگزين، 14 آڪٽوبر 2012ع

## ايئن ٿي نہ ٿو سگهي

ٻَٻُرن ۾
ٻيرَ ٿي سگهن ٿا
اَڪَنِ ۾
انب ٿي سگهن ٿا
ٿُوهرَ
مٺا ٿي سگهن ٿا
پَراوا
پنهنجا ٿي سگهن ٿا
تارا
زمين تي اچي سگهن ٿا
ٻوڙا
ٻُڌي سگهن ٿا
اَنڌا
ڏسي سگهن ٿا
گونگا

ٻالهائي سگهن ٿا
پِتَلُ
سونُ ٿي سگهي ٿو
ٽانبا
گلاب ٿي سگهن ٿا
سِڄُ
اولهہ کان اڀري سگهي ٿو
مُئل
زندهہ ٿي سگهي ٿو
چوڏهينءَ رات
چنڊ کان چمڪڻ وسري سگهي ٿو
پر مان
توکي
وساري ڇڏيان
ائين ٿي نہ ٿو سگهي.

***

عبرت مئگزين، پهرين فيبروري 2012ع

# پنھنجا، پنھنجا آھن

اسان تہ
هر ڪنھن کي
پنھنجو سمجھيو
پر، پنھنجن بہ
اسان کي
پنھنجو نہ ڪيو
غير تہ آخر غير هُيا
پنھنجن بہ غيرُ رکيو
ويرين وانگر ويرُ رکيو
سپنا ساڙي
رَڪَ ڪيائون
سُک ڦيرائي
ڏُک ڪيائون
هر فرد
خوشيون لُٽِي
اسان لاءِ
دردُ پوکيو
هُو ٻهڪندا رهيا
اسان جو چھرو زردُ رهيو
اسان جي
سادگي ۽ سچائي
اسان لاءِ الزام بڻي
اسان کي

فتنن جي ڦاهي چاڙهي
مهڻن سان
ماريو ويو
پر پوءِ بہ
قرار ڪين آئين
لاش جو
ماسُ بہ ڪائي ويا
هَڏا بہ هڙپ ڪيائون
پر پوءِ بہ
پنهنجا پنهنجا آهن
“مارن تہ بہ ڇانو رکن”
ڇو تہ اُس ۾ هو
پاڻ بيهي
سج جي گرمي
سهي نہ سگهندا آهن
هونئن بہ مرڻ ڪن پوءِ
ڇانو يا اس سان
ڪهڙو ٿو فرق پوي
پر پوءِ بہ
پنهنجا پنهنجا آهن
اهي ساهہ ڪان بہ
پيارا آهن
توڙي جو
انهن هتاران مُئا آهيون

❊❊❊ ماهوار سرتيون، مئي 2012ع

# جانم جي نانءِ

آئون اهوئي آهيان
جنهن کي
“ٻار گلن جا هار”
لڳندا آهن.
جنهن هميشه
“چاهتن جا گلاب” ارپيا
“چاهتن جي موٽ”
“هڪ شام جو الميو”
ٻڌجي مِلي
آئون دردُ ٻڌجي ويس
آئون درد کي ڇڏڻ لاءِ
تيار آهيان
پر درد مون کي
ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي
ها جانم !
جنهن کي درد جو درمان سَمجِهجي
ان وٽان ئي درد ملن تہ
انسان ڪاڏي وڃي؟
ڪنهن کي چوي
خوشي ۽ پيار جي لاءِ
ڪنهن جي آڏو
جهولي جَهلي؟

***

سوپ، سنڌي مئگزين، 14 آڪٽوبر 2012ع

## منافق

شايد
آئون بہ
منافق
ٿيندو پيو وڃان
دل ۾
دردن جا انبارَ
هُجڻ باوجود
مُک تي
مُرڪَ سجايون وتان.

***

روزاني عبرت 18 آڪٽوبر 2016ع

## لُڙڪن ڏي ٻہ تہ ڏِسُ

تون
منهنجي لفظن تي
ڀلي ويساھُ نہ ڪَرُ
پر
منهنجي
لُڙڪن ڏي ٻہ تہ ڏِسُ
لُڙڪَ
ڪڏهن بہ
ڪُوڙا نہ ٿيندا آهن.

***

ماهوار نئين آس ڪراچي، مارچ،اپريل 2018ع

# تون ئي ڪو ڏَسُ ڏي

سَچ پُڇين تہ
توکي وسارڻ لاءِ
وڏا وَسَ ڪيا اٿم
پر
نہ دل مان نڪرين ٿي
نہ ئي وري
ڪو پل وسرين ٿي
تون ئي ڪو ڏَسُ ڏي
جو توکي وساري
دل تان اتاري سگهان
يا وري اهڙو ڪي ڪيان
جو، تنهنجي
محبت ماڻي سگهان.

***

ماهوار نئين آس ڪراچي، مارچ، اپريل 2018ع

## تنهنجي پيرن ۾

خبر اٿئي
جڏهن بہ تون
سامهون ايندي آهين
دل جي ڌڙڪن
تيز ٿي ويندي آهي
دِل اُڇلون کائي
جسم جي
قيد خاني مان نڪري
تنهنجي پيرن ۾
پساھ پورا ڪرڻ
چاهيندي آهي.

***

ماهوار نئين آس ڪراچي، مارچ، اپريل 2018ع

## ساڀيائون

ساڀيائون تہ
نَصيبَ وارن کي
نَصيبُ ٿيندڙيون آهن
اسان جهڙا تہ
اکيون ئي
ساڙائي ويهندا آهِن.

❊❊❊

روزاني سنڌ ايڪسپريس، 21 نومبر 2018ع

# ڇَنڊُ چهرو

او نازنين!
پنهنجي
چهري تان
اهو نقاب هٽاءِ
پنهنجو جلوو ڏيکاءِ
تہ منهنجي
اونداهي مقدر تي
تنهنجي چهري جي چانڊوڪيءَ سان
ڪُجھ ساعتون ئي سهي
سوجهرو ٿي پوي
۽ منهنجو مقدر بہ
جرڪي پوي.

***

روزاني سنڌ ايڪسپريس، 13 جون 2018ع

# لُڙڪَ ئي لُڙڪَ

سَڀُ چون ٿا:
”تنهنجي هر تصوير ۾
تنهنجي چهري تي
اُداسائي ۽ نراسائي
نظر اچي ٿي.“
لَڙي ايندڙ لُڙڪَ
لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي
چوندو آهيان تہ:
”اُن
تصوير جو دردُ
ڪيرُ سمجهي؟
جنهن تصوير ڪيرائيندڙَ جي
نَصيب ۾
لُڙڪَ ئي لُڙڪَ
مايوسيون ئي مايوسيون هُجنِ
اُن جي مُک تي
مُرڪَ ڪٿان اچي؟“

***

روزاني سنڌ ايڪسپريس، 21 نومبر 2018ع

# عُمر جي ڪتابَ مان

آسَ جو ڏيئو
اُجهامڻ تي آهي
ڇو تہ
اُن جي وَٽِ کي
جلائڻ لاءِ
رَڳُن ۾ هاڻي
رَتُ نہ رهيو آهي.
اکيون بہ
بي نوُر ٿينديون پيون وڃن
دل ڪان
ڌَڙڪڻُ
وِسرندو پيو وڃي
دل جو بہ ڏوهہ ناهي
هوءَ بہ
تَڙِپي تَڙِپي ٿڪجي پيئي آهي.
۽ هاڻي
آرامي ٿيڻ چاهي ٿي
روحِ
جِسمَ جي قيد خاني مان
نِڪرڻ جا
سانباها پيو ڪري
جِسم جو ڪاهو پاسو
(جيرو ۽ بُڪي بہ

جوابُ ڏيندو پيو وڃي
قلم ڪٽڻندي
ڪجھ لکندي
هاڻي تہ
هٿ بہ ڏکن ٿا
عُمر جي ڪتاب مان
هڪ وڏيڪ پَنو
ڦاٽي پيو آهي
ذهن جي ڦرهيءَ تي لکيل
ڪوڙ سارا نانءَ
ميسارجي ويا آهن
آئون
ويسر جي وَرِ
چڙهي رهيو آهيان
چهرو ڪومائجندو پيو وڃي
چپ مُرڪن کان
محروم ٿيندا پيا وڃن
وارن ۾
چانديءَ جون تارُون
چمڪڻ لڳيون آهن
جوڀنُ
ڏارون ڏارون ٿيڻ لڳو آهي
وَقتُ واري آهي
۽ حياتي
ٻُڪَ ۾ پاڻيءَ جيان

هٿن مان نڪرندي پئي وڃي
آئون
آخر ڪيستائين
صبرُ جي سبق کي
رَٽيندو رهان
زندگيءَ جي زهر کي
ڍوڪيندو رهان
هينئڙو ٻہ هاڻي
هارڻ تي آهي
اوسيئڙي جو ڏيئڙو
وسامڻ تي آهي
حياتي، مماتي ڏي
ڊوڙي پئي ٿي
اجا توسان ميلاپ
ممڪن نہ ٿيو آهي
سدائين اهو ئي
کُٽڪو رهيو آ
تہ توسان ملڻ ريءَ
توکي ڏسڻ ريءَ
ڪچهريون ڪرڻ ريءَ
اڳئين جَهانَ ڏانهن
اُڏامي نہ وڃان.

❊❊❊

روزاني عوامي آواز ڪراچي، سنڌي مئگزين، 3 نومبر 2013ع

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)